ڊاڪٽر نور محمد شاهه

# سنڌي ادب جي تاريخ تي لکيل ڪتابن جو تقابلي اڀياس

# A Comparative Analysiso of Books Written on Histry of Sindhi Literature

***Abstract:***

*The purpose of writting this paper is to compare and contrast some aspects of books written on the History of Sindhi Literature. It is the Sindhi Language in which first of all the holy Quran was translated. Modern Sindhi literature begins with the conquest of Sindh by the British. Books, magazines and newspapers were brought about a revolution in Sindhi literature. Socialist revolutions and literature also brought new trends in Sindhi literature. Finally Nationalism fully dominated over Sindhi literature. In this paper I have carried out comparative analysis of three most important books written on the History of Sidhi Literature (1) Sindh Gi Adabi Tarekh by Khan Bhadur Muhammad Siddque Memon (2) Sindhi Adab Gi Tarekh by Dr. Abdul Jabbar Junejo (3) Sindhi Adab Jo Tarekhi Jaizo by Memon Abdul Majeed Sindhi. Findings show that these three major books on the History of Sindhi Literature are based on language & patriotism philosophy. Only they are different to each other in Diction and Compilation.*

ميٿيو آرنولڊ جو چوڻ آهي تہ ”ادب زندگيءَ جو تفسير آهي“ (شيخ،19:2001) جيڪڏهن ادب زندگيءَ جو تفسير آهي تہ پوءِ ان لحاظ کان ادب جي تاريخ زندگيءَ جي تفسير جي تاريخ آهي. هر دؤر جو ليکڪ پنهنجي تحريرن ذريعي زندگيءَ جو تفسير لکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. زندگيءَ جي موضوعي ۽ معروضي حقيقتن کي هر ليکڪ پنهنجي فطري ڏات، مشاهدي ۽ بصيرت آڌار بيان ڪري ٿو. زندگيءَ جون ڪي بنيادي سچايون اهڙيون آهن، جن کي هر دؤر جي ليکڪن ساڳئي حقيقت طور سچاتو ۽ قبول ڪيو آهي. تنهنڪري اهڙيون اساسي سچايون تاريخ ۾ غير مبدل رهيون آهن، باقي احساسن ۽ اظهار جا رنگ، ٻولي ۽ اسلوب هر ڪنهن جو تاريخ ۾ منفرد رهيو آهي. تاريخي ارتقا جي هڪڙي غلط مراد



اها ورتي وئي تہ وقت جي تبديليءَ سان يا سياسي دؤرن جي تبديلين سان زندگيءَ جا قدر بہ ڪُلي طور پنهنجي ماهيت ۾ بدلجن ٿا. تنهنڪري ڪابہ سچائي مطلق حالت ۾ دائمي اهميت نٿي رکي، وقت هر شيءِ کي مدي خارج ڪري غير اهم بڻائي ٿو. هر دؤر جون نيون سچايون ٿين ٿيون. تنهنڪري جيڪي اديب ماضيءَ کي مسترد ڪندي، وقت وقت جي سچاين کي اهميت ڏيندا هلن ٿا، سي ترقي پسند اديب آهن ۽ جيڪي اديب ماضيءَ جي اساسي سچاين کي مستقل اهميت ڏين ٿا ۽ ان سان گڏ معروضي ارتقا کي فطري حقيقت سمجهن ٿا، سي غير ترقي پسند آهن. اساسي سچاين کي مسترد ڪرڻ کان پوءِ ڪائڻ ۽ خوش رهڻ کان سواءِ زندگيءَ جو ٻيو ڪو مقصد ۽وقار رهي ٿو يا نٿو رهي، سا ڳالهہ پنهنجيءَ جاءِ تي، پر ان کان پوءِ انسان جي فڪر ۽عمل جو رشتو فقط غرض، طلب ۽ استعمال جي حد ۽ مُدت تائين محدود ۽عارضي بڻجي وڃي ٿو جنهن سبب انساني زندگيءَ جي مقصد ۽ عمل جو نظام بي معنيٰ ۽ بي وقار بڻجي وڃي ٿو. زندگيءَ جو تفسير ڄڻ اهو ٿو وڃي بيهي تہ ”جان آهي تہ جهان آهي“، ”رات گئي بات گئي“، ”ڪم لٿو ڊکڻ وسريو“.

زندگي، اهڙي بي معنويت ۽ تحقير واري حالت تائين پاڻمرادو فڪري اوسر جي فطري نتيجي ۾ نہ پهتي آهي، پر ان کي ان مقام تي جعلي نظرين، نعرن ۽ غلط رجحانن ذريعي اسان پاڻ پهچايو آهي. چوندا آهن تہ ”پنهنجي وڏئي جو ڪوئي ويج طبيب نہ آهي.“ اهو سڀ ڪجهہ اسان جدت، ترقي، محبت ۽ مساوات جي لفظن تي حرڪجي، ترقي پسند اديب ۽ دانشور جا لقب پسند ڪري، پنهنجي شهرتن لاءِ اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجي، پاڻ کي پنهنجي اصل تهذيب کان پري ڪري، هڪڙي نامراد جعلي ڪلچر جو هيرو بڻجي، دنيا جي هڪڙي نامراد ۽ بي وقار قوم جي حيثيت ۾ بدلجڻ جي جُهد ۾ ڪيو آهي. هي تبديلي ۽ ايڪتا جا نعرا، ماضيءَ ۾ جدت ۽ انقلاب جا شوشا سڀ اصل ۾ اهو ئي هڪڙو مقصد رکن ٿا. سنڌي ادب شروع کان وٺي ڀهروپيت، منافقي، دوکن ۽ سازشن جو شڪار رهيو آهي. جديد ادب جو اصطلاح ڪم آڻي، سنڌ جي حقيقي تهذيب کي اڻ اعلا نيہ طور قدامت جي ڪوٺ ۾ قيد ڪيو ويو. جدت ۾ سڌاري ۽ ترقيءَ جو ڪو بہ مقصد نہ هو ۽ نہ آهي، ان جو مقصد ماڻهن کي پيٽ، نسل ۽ جنس جي جهنم ۾ اڇلائڻ هو ۽ آهي.

## سنڌ جي ادبي تاريخ:

خان بهادر محمد صديق ميمڻ ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جي نالي سان ڪتاب لکيو. جنهن جو پهريون ڇاپو 1937ع ۾ شايع ٿيو. هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي ۽ ٻن مختلف دؤرن جي حساب سان مرتب ڪيل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ ارغونن جي دؤر 1521ع کان 1843ع تائين جي تصنيفات جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻئي ڀاڱي جو عنوان ’سنڌي ادب جو نئون دؤر آهي. ائين ٻئي ڀاڱي کي نئين دؤر جي نالي سان مخصوص ڪرڻ ذريعي پهريون ڀاڱو بنا لکڻ جي پراڻي دؤر جي نالي ۾ جدا ڪيل آهي. سنڌي ادب جي نئين دؤر ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا ويا، اُنهن کي علم ادب چوڻ لاءِ جيڪا علم ادب جي وصف مقرر ڪيائون، تنهن جي بنياد تي خان بهادر محمد صديق ميمڻ صاحب سنڌ جي ادبي تاريخ لکڻ جي شروعات هنن لفظن سان ڪئي آهي:

> ڪنهن بہ ملڪ جي ٻوليءَ ۾ گذريل يا هلندڙ زماني جي علم وارن ماڻهن جا جيڪي خيال نظم ۽ نثر ۾ ڪتابن ۾ لکيل هجن، تن لکتن کي ڇئجي ان ٻوليءَ جو علم ادب يا لٽريچر (Literature) يا ساهتيہ.“ (ميمڻ، 2000 ، 1)

هن عبارت ۾ علم ادب جي ڪائي مخصوص معنيٰ ۽ وصف متعين نہ آهي، بس جيڪي بہ خيال هجن پر ڪتابن ۾ پيش ڪيل هجن، سو آهي علم ادب. ڪنهن قوم جي علم ادب کي ائين بي معنيٰ بڻائڻ جو مقصد در اصل ان قوم جي تهذيب کي بي معنيٰ بنائڻ آهي. علم ادب تي بي معنويت جو منڊيئڙو پائڻ کان پوءِ سنڌ جي ادبي تاريخ جي مصنف سڌريل قومن جي سڌريل ادب ۽ اڻ سڌريل قومن جي اڻ سڌريل ادب جي ڳالهہ ڪئي آهي. اهو فرق واضح ڪرڻ کان پوءِ اڻ سڌريل قوم جو ڏيب هن طرح ڏيکاريو اٿس:

> دنيا جي کهڙي بہ اڻ سڌريل قوم، جا لکي پڙهي بہ نہ ڄاڻندي هجي، تنهن وٽ پنهنجي وڏن جي بهادريءَ جا داستان، غم ۽ خوشي کي همٿائڻ وارا ڪلام لکيل صورت ۾ نہ، تہ بہ زباني روايتن طور نظم يا نثر ۾ ضرور موجود هوندا. (ميمڻ، 1، 2000)

ان طرح هڪ غير مهذب قوم جو معيار اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ ان جي نثر،



نظم ۽ زباني روايتن ۾ ابن ڏاڏن جي بهادريءَ جا داستان، غم ۽ خوشيءَ ۾ همٿائڻ واريون ڳالهيون موجود هونديون آهن. سنڌي قوم جي حيثيت جو تعين بہ اِهو ئي ڪيو ويو آهي ۽ ان بنياد تي ئي سنڌ جي ادبي تاريخ لکي وئي آهي. مٿين وصف ۾ بهادريءَ جو لفظ سرڪشيءَ جي معنيٰ ۾ ڪم آندو ويو آهي. اسان جا وڏا سرڪش نہ هئا، پر عالم، شاعر، عارف ۽ اهل الله هئا، تنهنڪري خوف خدا رکندڙ ۽ عاجزي پسند هئا. اهو علم ۽ عاجزي اسان جي تهذيب جو بنياد آهي، سرڪشي ۽ جهالت اسان جي تهذيب جو بنياد نہ آهي.

’سنڌ جي ادبي تاريخ‘ جي ابتدائي تمهيدي پئراگراف ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ: ”گذريل زماني جو علم ادب يا ساهتيہ هلندڙ زماني وارن ماڻهن لاءِ ۽ هلندڙ زماني جو علم ادب ايندڙ زماني وارن ماڻهن لاءِ نهايت سچي رهبري رکي ٿو.“(ميمڻ، 2000، 1) مطلب تہ سرڪشي جنهن کي هٿرادو طرح جدت جي نالي سان سنڌ جي تهذيب جو بنياد بنايو ويو آهي، ان جون روايتون بہ زوال جي فطري ارتقا جي نوعيت ۾ دؤر مٿان دؤر جي حساب سان عملي صورت اختيار ڪنديون رهنديون. تنهن کان پوءِ ٻئي پئراگراف ۾سنڌ جي علم ادب بابت هيءَ راءِ پيش ڪئي وئي آهي ”ڪن صاحبن کي ائين راءِ ڏيندي ڏٺو ويو آهي تہ: سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ادب آهي ڪونہ. جي آهي، بلڪل ٿورو آهي.“ (ميمڻ، 1،2000) پهرئين پئراگراف ۾ قوم جو جيڪو تعارف پيش ڪيو ويو. ٻئي پئراگراف ۾ ان جو پڌرو اعتراف ڪيو ويو آهي تہ اِها سنڌي قوم ئي آهي.

اهڙيءَ طرح حقيقت پڌري ٿئي ٿي تہ سنڌ جي ماضيءَ جي تهذيبي علم ۽ عرفان تي منڊيئڙو لڳائڻ ۾ اهي اديب شامل آهن، جن پنهنجي تهذيب جي علم ۽ عرفان جي سچائيءَ کي سمجهيو ۽ سڃاتو نہ آهي. تنهنڪري ٿلهو نسل، ٻولي ۽ جاگرافيءَ جي سياسي بنياد تي وڏن جي بهادري جا داستان بيان ڪرڻ، غم ۽ خوشيءَ جا احساس ظاهر ڪرڻ کي نئين دور جو ادب سڏيو ويو آهي.

## سنڌي ادب جي تاريخ:

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جي لکيل ”سنڌي ادب جي تاريخ“ ٽن جلدن تي مشتمل آهي، جنهن جو پهريون جلد 2004ع ۾، ٻيو جلد 2005ع ۾ ۽ ٽيون جلد 2006ع ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان شايع ڪيل آهن. ليکڪ اول ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ جي نالي سان 1973ع ۾ ڪتاب لکيو هو. جنهن کي بعد ۾

وڏائي ٽن جلدن ۾ مڪمل صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي مقدمي مان معلوم ٿئي ٿو ته ليکڪ پنهنجون مختلف تحريرون گڏي هي ڪتاب مرتب ڪيو آهي، يعني سنڌي ادب جي هيءَ تاريخ موضوع مطابق منظم سٽاءُ سان مربوط تحرير ۾ لکي نه وئي آهي. مصنف خود ڄاڻايو آهي ته ”مقالن جي وچ جا خال البت ادبي تاريخ جي تسلسل کي قائم نٿا رکي سگهن.“ (جوڻيجو2004، 11) مصنف جو چوڻ آهي ته هن اها ڳالهه خيال ۾ رکي تاريخ ۽ تحرير جو ربط ۽ تسلسل قائم ڪرڻ لاءِ مفصل ٽي جلد جوڙيا آهن. پر اُهو ڪتاب جيڪو اڳ ارادي سان رٿي منظم تحرير ۾ آڻجي ٿو ۽ جيڪو اڳ لکيل تحريرن مان مرتب ڪجي ٿو ٻنهي ۾ فرق ختم ٿيڻ محال آهي.

هن ڪتاب جي سٽاءَ کي ڏسجي ٿو ته ان جا فڪري بنياد اُهي ئي آهن، جن جي بنياد تي خانبهادر محمد صديق ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ لکي هئي، البت دؤرن جو سٽاءُ مختلف آهي. مصنف سنڌ جي روان دوان تهذيب جو ذڪر ڪرڻ بجاءِ موهن جي دڙي جي دور واري تهذيب جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان جا ڪي به فڪري بنياد پڌرا نه ڪيا آهن، فقط اهو ڄاڻايو ويو آهي ته ڪوٽاين مان تهذيب جا ڪي آثار مليا آهن، ڪو مٽيريل مليو آهي. مصنف کي ڪپندو هو ته سنڌي ادب جي تاريخ لکڻ کان اڳ سنڌ جي تهذيب جا علمي بنياد متعين ڪري ها، پر ڄاڪاڻ ته خانبهادر محمد صديق ميمڻ تهذيب جي علمي بنياد بجاءِ ٿلهو نسبي بنياد تي نثر ۽ نظم جي تصنيفات جو ذڪر ڪيو آهي، تنهنڪري ساڳيو بنياد جبار صاحب به رکيو آهي.

ادبي تاريخ بابت جبار صاحب روايتي سياسي نڪتهءِ نظر پيش ڪيو آهي، جڏهن ته ضرورت ادبي ۽ تهذيبي نقطهءِ نظر پيش ڪرڻ جي هئي. حيرت جي ڳالهه آهي ته جيئن تهذيب جي معنيٰ متعين نه ڪئي وئي تيئن ادبي تاريخ جي به ڪا معنيٰ متعين نه ڪئي وئي آهي. ادبي ۽ سياسي تاريخ جي فرق جو احساس به نه ڏيکاريو ويو آهي. تنهن کان پوءِ متفق طور ڄاڻايل ڪتابن بابت جيڪي رايا پيش ڪيا ويا آهن، تن ۾ به ادب ۽ تهذيب جي معنويت واري ڪا راءِ نظر نٿي اچي، نڪو ماخذ مقرر ڪرڻ جو ڪو سبب ۽ جواز ڄاڻايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ مصنف پنهنجي راءِ هن طرح پيش ڪئي آهي:

> ادبي تاريخ جا انگ اکر هونئن به اڳ لکيل ادبي تاريخن، نثر ۽ نظمي مجموعن، رسالن ۽ مخزنن توڙي هر قسم جي ڪتابن ۾



> موجود آهن. انهن مان مدد وٺي پنهنجي تحرير ۽ پنهنجي لفظن ۾ آڻڻ سان ڳالهه وزنائتي بنجي ٿي. ٻين جا ڏگها ڏگها حوالا آڻي خود ڪجهه نه لکڻ، ڪو تبصرو نه ڪرڻ ۾ ديانت نه آهي. (جوڻيجو2004: 16)

مٿئين حوالي ۾ ڏسبو ته معنيٰ جي ڳالهه نه پر فقط انگن اکرن جي ڳالهه ڪيل آهي، اهي انگ اکر به اُهي ئي جيڪي اڳئي ڪتابن ۾ موجود آهن. فقط انهن کي پنهنجي تحرير ۽ لفظن ۾ آڻي ڳالهه وزنائتي ڪرڻي آهي، ٻي ڪا معنيٰ ۽ مقصد مراد نه آهي.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ، تهذيب ۽ تاريخ جي جنهن تصور تحت سنڌ جي ادبي تاريخ لکي هئي، ساڳيو تصور ”سنڌي ادب جي تاريخ“ جي سٽاءُ ۽ تحرير ۾ به نظر اچي ٿو. مصنف پاڻ اعتراف ڪيو آهي ته خانبهادر ميمڻ جو ڪتاب سنگ ميل آهي، لکي ٿو ”بهرحال خان بهادر ميمڻ جو هي ڪتاب ادبي تاريخ جي سلسلي ۾ سنگ ميل آهي.“ (جوڻيجو2004: 16)

جبار صاحب پنهنجي ڪتاب جي تحرير لاءِ اولين ماخذ به خانبهادر ميمڻ جي ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ کي مقرر ڪيو. پاڻ ڪتاب جي سٽاءُ ۽ مواد بابت راءِ ڏيندي لکن ٿا: ”ٻنهي ڀاڱن جي ابتدا ۾ سنڌي زبان ۽ ادب جي ابتدا بابت ضروري مواد فراهم ڪيل آهي. شعر ۽ نثري شهپارن تي تنقيد ۽ تبصرو ڏنو ويو آهي.“ (جوڻيجو2004، 16)

هوبهو ساڳي ڳالهه جبار صاحب جي ڪتاب لاءِ به چئي سگهجي ٿي. زبان ۽ بيان جو انداز سو سيپ ڪنهن جو پنهنجو الڳ آهي، سٽاءَ به مختلف آهي، جبار صاحب ٻنهي ڪتابن جي همسري ۽ هڪجهڙائي جي ڳالهه هن انداز ۾ ڪئي آهي ”ڪو وقت هو جو هي (سنڌ جي ادبي تاريخ) اڪيلو ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ ڄاتو ويندو هو ۽ ان جو اندازِ بيان ئي معياري ليکبو هو“ (جوڻيجو2004، 16) مطلب ته هاڻي اهو ڪتاب يڪتا حيثيت ۾ نه آهي، ڇو ته ان جي مواد ۽ اندازِ بيان جي همسر هڪ ٻيو ڪتاب ”سنڌي ادب جي تاريخ“ به موجود آهي. بلڪل ٻئي ڪتاب هڪٻئي جو نعم البدل آهن، پر جيتري قدر تحرير ۾ وزن ۽ انداز بيان جي ڳالهه آهي ته ان لحاظ کان اڄ به ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ وڌيڪ وزن ۽ معيار واري آهي. پر اهو وزن

۾ معيار فقط تحرير ۾ بيان جو آهي، معنيٰ ۾ مقصد جي لحاظ کان ٻئي ڪتاب سَڪٽا آهن. ڊاڪٽر جبار صاحب پنهنجي ڪتاب جي نئين جلد ۾ خانبهادر محمد صديق ميمڻ بابت هڪ پئراگراف جو ننڍڙو نوٽ لکيو آهي، تنهن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ:

> ڊاڪٽر دائودپوٽي ڪيس (خانبهادر ميمڻ کي) روبرو چيو هو تہ تو مسافر سان ظلم ڪيو آهي، جو ان جي لکيل ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ پنهنجي نالي ڇپائي اٿئي! ان باري ۾ عبدالله عبدالواسع عبد بہ هڪ مضمون لکيو آهي تہ خانبهادر ميمڻ شاعرن بابت پيل مواد جو فائيل ڪٽي ويو جيڪو وري موٽي نہ مليو. ياد رهي تہ خانبهادر ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جا ٻہ جلد شايع ڪيا، جيڪي سندس نالي سڃڻجن ٿا. بهرحال سنڌ ۾ ادبي سوسائٽي خانبهادر ۽ سندس ساٿين جو وڏو ڪارنامو آهي. (جوڻيجو2006، 234)

جبار صاحب ڄاڻائڻ اِهو گهريو آهي تہ ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي تصنيف نہ آهي، پوءِ ڪتاب ڪنهن جو لکيل آهي؟ ان بابت پنهنجي ڪابہ راءِ نہ لکي اٿس، البت اِهو لکيو اٿس تہ: ”جنهن ليکڪ پهريون جلد لکيو آهي، تنهن ٻيو جلد نہ لکيو آهي، ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ٻئي جلد خانبهادر نہ لکيا آهن“. (جوڻيجو2005، 242)ڪتاب جي تحرير مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪتاب لکرايل، ايڊٽ ڪيل ۽ مرتب ڪيل آهي ۽ ان ۾ ترجمي ذريعي تحريرون بہ شامل ڪيل آهن. تنهنڪري، همعصر عالمن جو اهو گمان تہ هي ڪتاب فردِ واحد محمد صديق ميمڻ جو تحرير ڪيل نہ آهي، برحق معلوم ٿئي ٿو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ پڻ اشارو ملي ٿو تہ هن تصنيف جا خاص پاڙٽي ڪي ٻيا آهن. معلومات ۽ ڪتاب گڏ ڪرڻ جو ڪم خانبهادر ميمڻ چوي ٿو تہ مون ڪيو آهي ۽ ڪتاب کي هاڻوڪي صورت ۾ آڻڻ يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ تحرير ۽ ترتيب جو ڪم چوي ٿو تہ مون ۽ منهنجي ٻانهن ٻيلي (ملازم ليکڪ) محمد صديق مسافر گڏجي ڪيو آهي. سنڌي ادب جي تاريخ جيڪا ٽن جلدن ۾ شايع ٿيل آهي، اُن جي بنيادي سٽاءَ کي ڏسي پڻ ساڳيا خدشا پيدا ٿين ٿا.

**سنڌي ادب جو تاريخي جائزو:**

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ طرفان لکيل ”سنڌي ادب جو تاريخي



جائزو“ نالي ڪتاب جو پهريون ڇاپو سال 2002ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان شايع ٿيو. هي ڪتاب شاگردن لاءِ سنڌي ادب جي اڀياس ۾ امتحاني تياريءَ جي مقصد سان لکيو ويو. مصنف پنهنجي ڪتاب جو ڪارج هن طرح بيان ڪيو آهي ”اميد تہ هينئر هي نئون ڇاپو بي. اي، ايم. اي سنڌي، پي.سي.ايس ۽ سي.ايس.ايس جي شاگردن لاءِ وڌيڪ لاڀائتو ٿيندو ۽ سنڌي ادب جي تفصيلي اڀياس لاءِ پڻ رهبري جو ڪم ڏيندو.“ (ميمڻ2000، 21) مصنف جي هيءَ دعويٰ ڪيتري قدر حق بجانب آهي، اُن جو اندازو ڪتاب جي پوري جائزي بعد ڪري سگهبو. هن ڪتاب جي بابن جو سٽاءُ سياسي دؤرن جي عنوانن سان قائم ڪيو ويو آهي ۽ هر دؤر جي شروعات سياسي پس منظر جي احوال سان ٿئي ٿي. ڪتاب جي پهرئين باب کي ٻن فصلن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون فصل اوائلي دؤر جي عنوان سان قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ عرب دؤر جو مختصر احوال ڪتاب جي ابتدائي پس منظر طور ڏنو ويو آهي. هن فصل جا ترڪيبي عنصر هيٺين عنوانن سان آهن. (1) سياسي پس منظر، (2) عربن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي حالت، (3) قرآن شريف جو سنڌي ترجمو. سياسي پس منظر ۾ مصنف ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جا ماڻهو ٻڌمت جا پوئلڳ هئا، جن ڇچ برهمڻ جي حڪومت کي پسند نہ ڪيو ڇو تہ هو اصل سنڌ جو رهواسي نہ هو پر ڪشمير کان آيو هو ۽ سنڌ جي ماڻهن کان سندس عقيدو بہ مختلف هو. ڇچ جي نسلي ۽ مذهبي اجنبيت سبب سنڌ جي ماڻهن محمد بن قاسم جي آجيان ڪئي.

تاريخ مان شاهديون ملن ٿيون تہ سنڌ ۾ اسلام محمد بن قاسم کان گهڻو اڳ آيو هو. حضور اڪرم ﷺ جي دؤر ۾ ئي اسلام جو اثر ۽ مقبوليت عام ٿي وئي هئي. محمد بن قاسم جڏهن سنڌ فتح ڪئي تہ ان وقت سنڌ ۾ ڪجهہ مسلمان اڳ ۾ ئي موجود هئا. البت حڪومت برهمڻ گهراڻي پئي ڪئي. سنڌ مذهبي رواداريءَ جو ديس رهيو آهي، جتي مختلف مذهبن جا ماڻهو باهمي احترام سان زندگي گذاريندا رهيا آهن. ليکڪ عربن جي فتح جو سبب ڄاڻائڻ کان پوءِ اُتي جو اُتي ٻئي پئراگراف ۾ عربن جي زوال ۽ مقامي ماڻهن جي اُسرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، جنهن مان هڪ تہ اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ مصنف ڪهڙي نڪتہءِ نظر تحت سنڌي ادب جو تاريخي جائزو لکيو آهي ۽ ٻيو اهو بہ پڌرو ٿئي ٿو تہ ڪيئن تاريخ کي پنهنجي پسند جي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ليکڪ ڄاڻائڻ اهو گهريو آهي تہ عرب حڪومت جي

دؤر جي پڇاڙيءَ سان هڪ تهذيب جو دؤر پڇاڙيءَ کي پهتو. تنهنڪري ديوار جي ٻئي پاسي مقامي ماڻهن جي حڪومت قائم ٿيڻ سان نسبي بنياد تي نئين تهذيب جي اوسر شروع ٿئي ٿي، جنهن سبب سنڌي ادب جي تاريخ جي شروعات بہ اتان کان (يعني سومرن جي دؤر کان) ئي ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪتاب جي شروعات سومرن جي دؤر کان ٿئي ٿي. پهريان ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ٻوليءَ جي بنياد تي تحرير ٿي، جيڪا خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي نالي سان شايع ٿي، تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالجبار ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ طرفان ساڳئي بنياد تي ادبي تاريخ جا ڪتاب شايع ٿيا آهن.

ادب جي تاريخ دراصل تهذيب جي تاريخ آهي، تهذيب قوم ۽ سماج جي روح، عمل، روايتن ۽ علم ادب ۾ وجود رکندي آهي. سنڌ جي تهذيب جي ابتدا تہ قديم مذهبي گيتن ۽ خالق جي حمد ۽ ساراهہ وارن ٻولن سان ٿيل ملي ٿي، پوءِ ان سچائيءَ کي ڇڏي، ارضيت پسنديءَ واري روايت کي سنڌي ادب جي تاريخ جو بنياد ڇو بڻايو ويو آهي؟! سياسي حڪومتن جي تبديليءَ سان تهذيب نہ بدلبي آهي، تهذيب تڏهن بدلجي ٿي، جڏهن ڪا قوم يا سماج پنهنجي علم ۽ عمل ۾ مڪمل طور بدلجي وڃي ٿو. سنڌي سماج تہ پنهنجي تهذيبي علم ۽ عمل ۾ نہ بدليو آهي تہ پوءِ هيءَ ادبي تاريخ ڇو بدلائي وئي آهي؟!

سنڌي سماج پنهنجي تهذيب جي اساسي سچاين کي صدين کان ساهہ ۾ سانڍيو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي ئي سياسي حڪومتون آيون ۽ ويون، پر سنڌ جو سماج اڄ بہ پنهنجي عالمگير تهذيبي قدرن ۾ يقين رکي ٿو. سنڌ جي اسلامي تهذيب عرب دؤر حڪومت کان پراڻي آهي، تنهنڪري عرب سنڌ ۾ اقتدار ۾ آيا ۽ ويا، پر سنڌ ۾ تهذيب جو سفر روان دوان رهيو. مصنف لکي ٿو تہ:

> عرب سنڌين سان ملي جلي ويا ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، رسم ۽ رواج ۽ ٻوليءَ کي پنهنجو بڻايو. اهڙيءَ طرح سنڌي ثقافت اسلامي تمدن جي اثر هيٺ هڪ نئون ۽ پاڪيزه روپ اختيار ڪيو.“ (ميمڻ، 2000)

هن ڳالهہ ذريعي تاثراهو ڏنو ويو آهي تہ عرب سنڌين ۾ ضم ٿي ويا، سندن تهذيب سنڌي تهذيب ۾ ضم ٿي وئي، جنهن جا ڪي اثر قبولي سنڌ جي تهذيب نئين



بڻي آهي. پر حقيقت اها آهي تہ جيڪي عرب خاندان سنڌ ۾ اچي رهيا، تن سنڌي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪئي، سنڌين سان مٽيون مائٽيون ڪيائون، ائين آهستي آهستي نسلي طور سنڌي ماڻهن سان گڏجي ويا. پر تهذيب ۽ تمدن جو تہ منجهن فرق ئي ڪونہ هو جو سنڌي ماڻهن بہ اسلام جي عالمگير پيغام کي ان وقت کان قبول ڪيو هو، جڏهن کان خود عرب ان کان فيضياب ٿيا هئا. تنهنڪري عرب، ايران ۽ سنڌ جي تهذيب گهڻي عرصي کان ساڳي ئي هئي.

”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“ نالي هن ڪتاب جي پهرئين فصل ۾ پهرئين ڳالهہ عرب نسل جي حڪومت جي زوال ۽ سنڌي نسل جي ماڻهن جي حڪومت جي قيام جي ڪئي وئي آهي. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڪتاب جي ابتدا ائين ڇو نسلي بنياد تي ڪئي وئي آهي. ادب جي تاريخ دراصل تهذيب جي تاريخ آهي تہ پوءِ ڪتاب جي ابتدا تهذيب جي ذڪر سان ڇو نہ ڪئي وئي آهي؟! عربن کان پوءِ سومرا حڪمران بڻيا تہ اُهي بہ مسلمان ئي هئا، يعني حڪومت تہ اڳ ۽ پوءِ ساڳئي تهذيب جي ماڻهن وٽ رهي، تہ پوءِ تهذيب جي ان وحدت ۽ تسلسل جي تاريخ جو ذڪر ڪرڻ بجاءِ نسل جي بنياد تي هڪ تهذيب کي ٽوڙي، ٻہ اڌ ڇو ڪيو ويو؟! ليڪ ادب جو تاريخي جائزو لکي رهيو هو، ڪو سياسي تاريخ جو جائزو تہ ڪونہ پئي لکيائين!

”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“ نالي هن ڪتاب جي پهرئين باب جي پهرئين فصل ۾ چار ترڪيبي عنصر شامل آهن. پهريون عنصر ”سياسي پس منظر“ جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ عرب نسل جي حڪومت جي خاتمي ۽ سومرا نسل جي حڪومت جي قيام جي ڳالهہ ڪيل آهي. ٻئي عنصر جو عنوان آهي ”عربن جي دؤر ۾ سنڌ جي حالت“. هن عنوان هيٺ عربن کي سنڌيت ۾ ضم ٿي ويل ڄاڻايو ويو آهي ۽ سنڌ جي ماڻهن جي عربستان تائين هاڪ ۽ رسائي جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. ٽئين عنصر جو عنوان آهي ”سنڌي زبان ۽ ادب“. هن عنوان هيٺ ڄاڻايو ويو آهي تہ عربن جي دؤر ۾ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ جي مختلف روپن ۾ لکي ويندي هئي ۽ شاعري بہ مروج هئي. ڪيترائي اديب ۽ شاعر عربستان پهتا ۽ اتي پنهنجا علمي جوهر ڏيکاريائون. چوٿين عنصر جو عنوان آهي: ”قرآن شريف جو سنڌي ترجمو“. هن عنوان هيٺ ڄاڻايو ويو آهي تہ سنڌي زبان ۾ اڳ ۾ ئي شعر چيو ويندو هو ۽ سنڌي زبان لکي پڙهي ويندي هئي.

اهڙيءَ طرح ڪتاب جا چارئي تعارفي عنصر ٻوليءَ جي ڪمال جي ڪهاڻي بيان ڪن ٿا ۽ اهو جاڻائين ٿا تہ ٻولي ئي اهو بنياد آهي، جنهن جي آڌار تي هڪ تهذيب جي تاريخ بيان ڪري سگهجي ٿي، تنهنڪري ٻوليءَ جي بنياد تي "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" پيش ڪيو پيو وڃي. اهڙيءَ طرح ڪتاب جا چارئي تعارفي عنصر جن ۾ عرب دؤر جي سياست، تهذيب، علم ادب ۽ خدا جو ڪتاب شامل آهي، سڀ ٻوليءَ جي ڪمال جي سبقت تحت زوال جي حالت ۾ ڏيکاريا ويا آهن. تنهن ڪان پوءِ سنڌ جي ادب جي تاريخ سومرن جي دؤر ڪان ٻوليءَ جي عنوان سان شروع ڪئي وئي آهي. تنهنڪري سنڌي ادب جي تاريخ جا ذڪر ڪيل ٽئي ڪتاب ٻوليءَ جي سياسي نظريي جي بنياد تي مرتب ٿيل آهن. ٻوليءَ جو اُهو نظريو جنهن جو بنياد بي علمي ۽ سرڪشي جو فلسفو آهي. جڏهن تہ سنڌي ادب جي تاريخ، علم ۽ عاجزيءَ واري سنڌي تهذيب جي بنياد تي لکڻ گهربي هئي.

**حوالا:**


جوڻيجو عبدالجبار(2004) سنڌي ادب جي تاريخ، جلد پهريون،حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

جوڻيجو عبدالجبار(2005) سنڌي ادب جي تاريخ، جلد ٻيو،حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

جوڻيجو عبدالجبار(2006) سنڌي ادب جي تاريخ، جلد ٽيون،حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

شيخ،محمد ابراهيم خليل(2001 ) ادب ۽ تنقيد،ڇاپو ٻيو، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور

ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي(2000)سنڌي ادب جو تاريخي جائزو،حيدرآباد سنڌ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

ميمڻ،محمد صديق(2000)سنڌ جي ادبي تاريخ، ڇاپو چوٿون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄام شورو.